# هڪ ڇوڪرو جنهن اوندهه ۾ ڏيئا ٻاري ڇڏيا

اهو 1809 جو سال هو، فرانس جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ سائمن ريني بريل، ۽ ان جي زال مونيڪ جي گهر ۾ هڪ ٻار جنم ورتو. ان جو نالو هنن لوئس بريل رکيو. هنن جا ٽي ٻار ٻيا به هئا جيڪي لوئس کان گهڻا وڏا هئا. لوئس جسماني طور تي تمام گهڻو ڪمزور ٻار هو، ان ڪمزوريءَ ۽ وري سيني کان ننڍو هئڻ سبب ڪيس ماءُ پيءُ جي توجه پنهنجي پينرن ۽ پائرن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ملي.

سائمن هڪ ننڍڙي ڪارخاني جو مالڪ هو، جتي هو ڳوٺ وارن لاءِ گهوڙن جون ڪاٺيون ۽ زين ٺاهڻ جو ڪم ڪندو هو. ٽن سالن جو لوئس پنهنجي پيءُ جي ڪارخاني ۾ وچي کيڏندو هو. هڪ ڏينهن ان سوچيو ته ڇونه هو به پيءُ وانگر پاڻ به چمڙي مان ڪجه شيون ٺاهي. اهو سوچي هو اتي ويو ۽ چمڙي کي ڪٽڻ لاءِ هن آري کنئي. بدقسمتي سان جڏهن هو چمڙي کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو ته آري پوئتي اچلائجي وڃي سندس ساڄي اک کي لڳي ۽ اک زخمي ٿي پيس.

اٽويهن صدي جي ڳوٺن ۾ طبي امداد نڪي سٺي هئي ۽ نه وري ترت دستياب هئي، سو سندس اک ۾ انفيڪشن ٿي پيو. ٿوري ئي عرصي ۾ انفيڪشن کاٻي اک تائين به پهچي ويو ۽ سندس ٻنهي اکين جي نظر ختم ٿي وئي.

ماءُ پيءُ جي اها ڪوشش هئي ته سندن ٻار ڪنهن نابين جيان نه پرهڪ عام انسان جيان صحتمند زندگي گذاري سگهي. انهي ڪري هنن لوئس کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو.

لوئس اسڪول ۾ اڪيلو نابين ٻار هو، پر سندس ذهانت ۽ شوق استادن کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ايئن ٿيو جو لوئس کي ڏهن سالن جي عمر ۾ پئرس جي هڪ ناميارې نابينن لاءِ خاص بورڊنگ اسڪول ”رائل انسٽيوٽ فار بلائينڊ يوتهه“ ۾ داخلا ملي وئي. يعني (نابينن نوجوانن جي لاءِ شاهي ادارو)

هي ادارو ان وقت نابينن لاءِ ٺهيل ڪجه مشهور ادارن منجهان هڪ هو. ان اداري ۾ تعليم کانسواءِ موسيقي به سيکاري ويندي هئي. چاڪاڻ ته لوئس کي موسيقي سان تمام گهڻي دلچسپي هئي سو هن هڪ کان وڌيڪ موسيقي جا ساز وڄائڻ سکي ورتا.

ان اداري جون تمام گهڻيون خوبيون هيون پر انهي سان گڏ انهن جا ڪجه قانون تمام گهڻا سخت پڻ هئا. مثال طور ڪنهن به شاگرد کي مهيني ۾ هڪ دفعي کان وڌيڪ ونهنجڻ جي اجازت نه هئي.

ان زماني ۾ نابين ماڻهو ’آوي سسٽم‘ جي ذريعي پڙهڻ سکندا هئا. ان سسٽم جي ڪتابن ۾ هرهڪ لفظ اپريل هوندو هو، شاگرد لفظ جي مٿان آگر ڦيريندا هئا تڏهن وڃي هو اهو هڪ لفظ پڙهي سگهندا هئا انهي ڪري شاگردن کي پڙهڻ ۾ تمام گهڻي دير لڳندي هئي.

انهي کانسواءِ هر لفظ کي ٺامي جي تار سان ٻڌي رکيو ويندو هو ته جيئن اهو لفظ اپريل رهي. ۽ نابين ماڻهو آگر ڦيريندي ان لفظ کي سمجهندي پڙهي سگهن. ٺامي جي تارن سبب ان سسٽم جا ڪتاب تمام

گهڻا ڳرا هوندا هئا. انهي ڪري ڪيترائي نابين ماڻهو حوصلو هاري ويهندا هئا ۽ بي زار ٿيندي پڙهائي ڇڏي ڏيندا هئا. پر اسان جو هيرو لوئس اهڙن ماڻهن منجهان نه هو. انهي سسٽم جي سڀني مشڪلن جي باوجود بنهنجي شوق ۽ محنت جي عادت سبب پڙهڻ سکي ويو.

هاڻي ڪپتان بارسير جي ايجاد سامهون اچي ٿي. هي تمام اهم ايجاد هئي. بار سير جي ايجاد مطابق هڪ لفظ يا اکر جي جاءِ تي پورن ٻارهن لفظن جي سيل استعمال ڪئي وئي. جڏهن ڪجه شاگردن بارسير جي ان لکت واري نظام کي آزمايو ته هنن کي پراڻي نظام جي ڀيٽ ۾ هي نئو نظام وڌيڪ سولو لڳو.

لوئس برل به هن نظام مان ڏاڍو خوش هو پر هن اهو به سوچيو ته هن نظام کي اڃا به سولو بڻائي سگهجي ٿو ته جيئن گهڻي کان گهڻا نابين ماڻهون ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن پاڻ ان تي ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ تمام گهڻي محنت ڪيائين ۽ آخرڪار فقط پندرهن سالن جي عمر ۾ هن هڪ نئون نظام تيار ڪري ورتو جيڪو پوين نظامن کان گهڻو بهتر هو.

لوئس جي نظام ۾ هر سيل ۾ ڇهه اپريل نقطا هئا. ان نظام ۾ لفظن کان کانسواءِ علامتي نشان، (پنڪچوئل مارڪس) نمبر (انگ) ايستائين جو موسيقي جي سرن جون علامتون پڻ موجود هيون. (اهي سڀ پوين پنهي نظامن ۾ موجود ڪونه هيون) لوئس بريل جي جوڙيل هن نظام جو نالو ”بريل“ رکيو ويو. بريل ۽ ڪپتان بارسير جي نظامن ۾ اها خوبي هئي ته اهي ٻئي نظام دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين لاءِ موزون بڻجي ٿي سگهيا. پر ڇاڪاڻ ته ڇهن نقطن تي پڙهائي ٻارهن نقطن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آسان هئي سو انهي ڪري بريل اهو ميدان کٽي ويو ۽ اڄ تائين اهوئي نظام استعمال ۾ آهي.

شاگردي جو زمانو ختم ٿيو ته لوئس کي پنهنجي ئي اداري ۾ پروفيسر جي نوڪري ملي وئي. انهي دور ۾ ئي هن مختلف گرجا گهرن ۾ وڄي ميوزڪ آرگن وڄائي پنهنجي ڪمائي ۾ اضافو ڪيو پر انهي سان گڏوگڏ سڄي ڄمار بريل نظام ۾ بهتري لاءِ ڪوششون ڪيون.

لوئس بريل ارڙهن سو ٻاونجاهه ۾ فقط ٽيتاليه سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. تڏهن کان اڄ تائين لکين نابينن ۽ گهٽ نظر رکندڙن بريل نظام پڙهڻ سکي پنهنجي اونداهي زندگي کي روشن ڪيو.

**آمنه اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**